# شيخ اياز

## چوند شاعري

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# جي هانءُ نہ هارين ڪوهيارل!

جي هانءُ نہ هارين ڪوهيارل! هي ڏينهن بہ گهاري ويندا سين،
چو پير پساري وينو آن، اُٿ! ڏونگر ڏاري ويندا سين.

ڪَنهن لاءِ تڪين ٿو ڪنڌيءَ تان، ٻي ٻيڙي ڪابہ نہ اچڻي آ،
جي ٿُون بہ اچين او وڻجارا! توکي بہ اُڪاري ويندا سين.

دَرياهہ اندر جا دهشت آ، ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،
ٿُون مان تہ رُڳو هِن سنڌوءَ تي، ڪا لَهر اُڀاري ويندا سين.

ڪا جهِرمِر جهِرمِر جُگنوءَ جي، ڪا ٽِمر ٽِمر ٽِمر ٽِمر تاري جي،
گهنگهور گهَٽا جو گهيرو آ، ڪنهن جي تہ سهاري ويندا سين.

آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي، پر هيئن نہ مَرنداسين ساٿي!
ڪا آگ لڳائي ويندا سين، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

ٿُون آءُ تہ اوريون او راڻا، چو جيءُ سهي هي جهوراڻا؟
ٿُون ڇا ڪان ڇِرڪين ٿو راڻا! اڄ ڪاڪِ ڪناري ويندا سين.

چو گهبرائين ٿو ڪوٽ ڏسي، هي اُوچي اُوچي اوٽ ڏسي،
زندان اُڏائي ويندا سين، زنجير پگهاري ويندا سين.

تنهن وقت بہ مون هي ڄاتو هو، هي ڪاريهَر سان ناتو هو،
جي ساٿي ساٿ سُڃاتو تو، هي مارِي ماري ويندا سين.

ٿُون ڪر، جو توکي ڪرڻو آ، هي دَؤر بہ نيٺ گُذرڻو آ،
ڪنهن وقت ڏهيسر مرڻو آ، بنواس گُذاري ويندا سين.

..........

# ڪنهن ڪيئن چيو، ڪنهن ڪيئن

ڪنهن ڪيئن چيو، ڪنهن ڪيئن چيو، پر وائي سڀ ڪي وات هُئي!
هيءَ ڪا تہ سُريلي آگ هئي، هيءَ ڪا تہ پَري برسات هُئي!

هي آڏيءَ آيل سپنا ها، جي جاڳَ ـ جَلايل سپنا ها،
چا رِم جهم رِم جهم رُوپ هُيا! چا برکا رُت جي رات هُئي!

چا چِٽنگون چِٽنگون چنگَ هُيا! چا تِن ۾ آگَ ـ اُمنگَ هُيا!
تي چا چا جَرڪا جيءَ ڏنا، چا تو ڪي پنهنجي تات هُئي!

ڪنهن ڪونہ سُجاتو ڳاتي ڪي، هِن ڏرتيءَ جي مُدماتي ڪي،
هُو ڪير هُيو! ڪيڏانهن ويو! ڪا پيد پري هيءَ بات هُئي!

جي دل جا داوَ سُجاڻين ها، تُون جاڻين ها، تُون جاڻين ها!
جا مات هئي سا جِيت هئي، جا جيت هُئي سا ماتِ هئي!

تون هونءَ تہ جهُونا ساز ڏنا، پر چا نہ نوان آواز ڏنا!
تو چا چا گيت "اياز" ڏنا، چا ڏاتر تنهنجي ڏات هُئي!

.........

# ٿِي ماڪ وسي ميخاني تي،

ٿِي ماڪ وَسي ميخاني تي، ڪي رِند ڪڙو ڪڙڪائن ٿا،
ڪُجهہ ڳاٽ ڳهر مان چرڪن ٿا ۽ جام جهَلي واجهائن ٿا.

مُون، سُهڻا! تُنهنجي ساک ڪئي ۽ لوئيءَ تنهنجي لاک هنئي،
سي ڪانئر ڀي ڪنهن ڪُڙم منجهان، جي پِريت ڪري پڇتائن ٿا.

ڪا هِرک نہ هاري هوتن تي، هي پنڌ نہ آهي پونن جو،
ٿا ڏاڍا ڏونگر ڏيکارن، جي پيچ پيارل پائن ٿا.

ڪي ڪنڌ جهُڪائي ڪَنڌيءَ تي، ٿا پاڻ ڇُپائن چوهي ڪان،
ڪي وانجهي سِير وَسائن ٿا، درياهہ جَڏهن دَڙ لائن ٿا.

هِن شيشي ـ گهر جا دروازا، نادان، اگر ٻُوٽين ٻہ تہ ڇا!
پٿر تہ پَري، پُوري گهر کي ڪُجهہ ٿهڪ رُڳا ٿِڙڪائن ٿا.

آ مَهڪ هوا ۾ مينديءَ جي، سي گهوٽ اچن ٿا گهايل ٿي،
جي لالُ لَهوءَ ۾ ليٽڙجي، اج رت جي ريت نيائن ٿا.

ڪي پنهنجي پَو ۾ پُٽڪن ٿا، ڪي ڪانيارا ٿي ڪٽڪن ٿا،
تو چوري چنگ "اياز" اُتي، جِت ڳاڙها ڳيرو ڳائن ٿا.

.........

# ڏرتي ڇا ڇا دانُ ڪري وئي!

ڏرتي ڇا ڇا دانُ ڪَري وئي!
اوڪ ڏئي انسان ڪَري وئي.

آئي تنهنجي سارَ تہ سُپرين،
سُوريءَ کي آسان ڪَري وئي.

طوفانن ۾ ڪُڏندي ڪشتي،
ساحل کي حيران ڪَري وئي.

رُڄ ٻـــ اڏي اُڄ اُيـــاري،
ساغر تي احسان ڪَري وئي.

درد وڏايا ڇا ڇا رشتا!
دل دل جو درمان ڪري وئي.

سرهي ٻوءِ بسنتي آئي،
سانجهيءَ کي سُنسان ڪري وئي.

ڪنهن جي ڪنهن جي ڪاند ڏنائين!
ٻين وڃي ٻيران ڪَري وئي.

ڇا ڇا جام "اياز" پياريئہ!
سڀ کي سرڪ ۔ سُبحان ڪري وئي.

.........

# جي پنهنجو نور نچوڙي ويا،

جي پنهنجو نور نچوڙي ويا، ۽ تنهنجي جوت جلائي ويا،
سي لُڙڪ مٽيءَ ۾ لــوئــي ويا، پر چا چا موتي پائي ويا!

سي وڻ وڻ لوڏي واءُ ٿيا ، سي پَن پَن ۾ پرلاءُ ٿيا،
جي بَن بَن بِينَ وڄائي ويا ، جي تن من واري ڳائي ويا.

مون ڌرتي تُنهنجا ڏِڱ ڏٺا ، مون تن جا لويل لڱ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني ، سي وارا وير وڃائي ويا.

اڄ ڪو بہ ڳڇيءَ ۾ ڳٽ نہ آ ، ڪو مُڙس انهن جو مٽ نہ آ،
جي سارا ڪوٽ اَڏائي ويا ، سي گهوٽ اسان کي گهائي ويا.

مون اڻ ٽيٽا انسان ڏٺا ، مون سوريءَ تي سو مان ڏٺا،
اي ڌرتي! چا چا ڪونڌر ها ، جي پنهنجا ڪنڌ ڪَپائي ويا!

مون ويندي تن جا پير ڏٺا ، مون چا چا مُڙس مٽير ڏٺا !
جي ڪيئي سِڄ اياري ويا ، جي ڪيئي سِڄ سمائي ويا.

مون ڪاتيءَ هينان ڪنڌ ڏِنا ، مون ساٽا ساٽا سَنڌَ ڏنا،
مون ڇا ڇا مائيءَ لال ڏنا ، جي لوئيءَ لڄ بچائي ويا!

سي جيءَ جيارا ماڻهو ها ، سي سڀ کان پيارا ماڻهو ها،
جن ساھ ڏئي ، ويساھ ڏنو ، جي دل ۾ درد ڏُکائي ويا.

هو بادل بادل آيا ها ، جن جَل ٿَل ڀال ڀَلايا ها !
اي ڪيت ڪِڙو ، او شال ٽِڙو ! هُو پنھنجا مينھن وسائي ويا.

ويا پريت ڏئي هُو پاڻيارا ، اڄ ڪينجھر تن جا ڪاڻيارا،
ڇا راڳا تن سان رُڄ ڪيا ، جي تنھنجي اڄ اجھائي ويا!

هُو پيار پتنگا ڪامي ويا ، ۽ ڪيڏو ڏُور اڏامي ويا !
پر تنھنجي منھنجي ڏيئي ۾ ، هُو پنھنجي جوت سمائي ويا.

ڪلھ رات مسافر آيا ها ، جن پنھنجا جيءَ جلايا ها،
ٿي ڇا ڇا جرڪا جاڻ ڪري ، هُو ڪيڏا مَچ مچائي ويا!

ڇا ڇا نہ وسِهَر ـــــــ وَنگَ هُيا ! پر نانگا يار نسنگ هُيا،
ڪي تُنھنجو رُوپ نِکاري ويا ، جي تنھنجي سينڌ سَجائي ويا.

چا نعرا ها چا نينهن هُيا ! هئہ مڙس هُيا يا شينهن هُيا!
جي ڏونگر ـ ڏيل ڏڪائي ويا ، گجگوڙ ڪري گرمائي ويا.

آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ مٽيا ، پر مون ڪي اهڙا مڙس وڻيا،
جي سارو جڳُ جرڪائي ويا ، پر پنهنجو پاڻ ملهائي ويا.

جِن پاسو ورتو ڪُوڙ ڪنان ، هي مُڙس نہ ويندا مُور مَنان،
جن واڪي واڪي وَس ڪيا ، جي سارو سچ ٻُڌائي ويا.

اڄ چوهَ انهن جا چوليءَ ۾ ، اڄ ٻولَ انهن جا ٻوليءَ ۾
اي ڌرتي! تُنهنجيءَ جهوليءَ ۾ ، جي سُورهيہ سِيس ڇُپائي ويا.

هي چوٽيءَ چوٽيءَ تي مشعل ، هي جهوليءَ جهوليءَ ۾ گُل ڦُل،
ويا سانول ڇا ڇا سَبڳ ڇڏي! ڇا جَندڙيءَ ڪي جَرڪائي ويا!

ڇا سمجهي تن ڪي جيءَ جَڏي ، آ تِن جي ڳاڙهي ڳالهہ وڏي،
ها ڇا ڇا ارڏا ڪَنڌ اَڏي ! جي تو ڪي مَيندي لائي ويا.

هي ٻِرهہ بہ ڪوئي ٻَڙُ آهي! ڇا جاننني اُن جي جَڙَ آهي!
مون اُن ۾ ڪيڏا ڏار ڏٺا ، جي ڇانو ڪري ، مَن ڀائي ويا.

اي آري! تنهنجي آڏَ هُئي ، پر ڏونگر ڏاڍا ڏاڍِ ڪيا!
هِي تُنهنجا پيارا پيرا ها ، جي پنهنجو پنڌ پُڄائي ويا.

ڪِئن تو ڪي ڪاري ٻاڻَ ميجان ، تي چٽنگ ڪري چمڪات اڃا،
آ تِم تِم تِم تِم لاٽ اڃا ، جا جوڳي ڪالهه جلائي ويا.

هيءَ جان تہ اڇٽي وڄٽي آ ، پر مرندي مات نہ مڄٽي آ،
مون اهڙا سو ساونت ڏٺا ، جي پنهنجو هَٺ هلائي ويا.

ڏسُ! ٻاڪ پليري آئي آ ، ڏِسُ! سَنڌُ مٿان سَرهائي آ!
چو تن جي لاءِ "اياز" رُنين ، جي مارُو ماڳُ مَٺائي ويا!

.........

# اي قوم! بُڏايا ٿي قِصا

اي قوم! بُڏايا ٿي قِصا ڪـــلهه تونـــڪي مون تقـــديرن جا،
اڄ باغيءَ باغيءَ جي سِــر تــي، تو ڏســان تــاج تعــزيــزن جــا.

ڪو ڪيئن نہ ٻوڙي مقتل ڏي، آ رَتَ ۾ خوشبو مينديءَ جي،
ڪو ڪيئن نہ موٽي زندان ڏي، تا زُلف ڇِڪن زنجيرن  جا ! .

هُو ڪُوڙا ڪانئر ڪَـــڙڪَــن تا، ۽ لاش هوا ۾ لَڙڪن تا،
پر ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪــــــن تا ، ڇا رنگ ڏِنم رهگيرن جــا ! .

اڄ لال لَهوءَ جي سَرگم تي، تــي مُنهنــجي ڌرتي رقص ڪَــري،
مُنـــهن هيڊ ٿيا غَـــدارن جا، بي شـــرم وڏيـــرن پـــيـــرن جا.

هِي ماٺـــهو وِهَہ جـــو ڍُڪ تيا، جئن لُڪ لڳي تئن رُڪ ٿيا،
اڄ آزاديءَ جي نـــعري ســان، ســـپ درد ويا دلـــگـــيـــرن جا.

هَر دوکي جي ديوار ڍَني ۽ اُن جـــي سِـــرَ ســـرَ ســان نہ ملي،
اڄ ٻوڙي هـــر ڪـــو ديـــوانو تـو ڪـــولي بند اسيرن جا.

اڄ هر ڪـــــــنهن جو هـــي رايو آ، تو نينهنُ 'ايـاز' نيـــايو آ،
تو  ڳـــاتا گيت بغاوت جا ، تو  لاٿا  زنگَ  ضميرن  جا .

..........

# بي موت مُئا، تولاءِ ڪُنا

بـي مـوت مُـئـا ، تـو لاءِ ڪُـنـا انسـان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو،
هــن دنيا ۾ اي ديـس ! هُـيـا نـادان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو.

جـي راهـِ اجـل ڪـنـهـن ورتـي آ ، هـن پـونءِ ڪئي ٻي پرتي آ،
هيءَ ڌرتـي تـو ڪـي پرتي آ ، مـهـمـان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو.

اڪ سـاري رات نــہ جهـپـڪـي آ ، ۽ شبنم شبنم ٽـپـڪـي آ،
جي باڪ گُهري تي ٻُڪ ، تہ اي زنـدان ! هــزاريــن مـان نـہ رڳـو.

تــو سـاري ڪـو ٻـہ نـہ سُـج ــ مُئا، هُو رُج ــ مُئا جي اُج ـ مُئا
چا پاپِي پَر ڪـي پُـج ـــ مُـئـا ، ارمـان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو .

چو چنڊ اسان ڪي رات نري ، ڏي چانـڊوڪـيءَ جـو زهـر پَـري؟
آ ڪـيـڏو پـويـون پَـهر پـري ! حـيـران هـزاريـن مـان نـہ رڳـو.

تون چئہ نہ ڪُچان، ٿُون چئہ نہ لُچان، پر تونڪان هڪڙي ڳالھ پچان؟
ٿُون ڪنهن ڪنهن ڪي خاموش ڪندين، اعلان هزارين مان نہ رڳو.

هـــي دؤر " اياز " گُـذرٽـو آ ، ۽ پـنـهـنـجـو وارو ورٽـو آ،
ڪـــو ٻـارڻُ تـہ ٻرٽو آ ، امڪـــان هزارين مـان نـہ رڳـو.

.........

# جي تون اَجا نہ جاتو

جي تون اَجا نہ جاتو ، آ کير ڏيس واسي ،
تُنهنجو جَنم اَجايو ، تُنهنجي مٿي اَٽاسي !

آيو ويو سڪندر ، سيوهڻ اَجا اُتي آ ،
هُو کير ٿر کڙو آ ، وِيندا رهيا وِناسي .

لالَڻ ! نوان لَکن ۾ نِڪتا نِياڻ آهن ،
ايندا جِتي لُکن ۾ ، پانڌيئڙا پِياسي .

هِي شام جو مياٽي ، هِي سونَ رنگ پاٽي ،
تَڙ تي بہ چار ڏيئا ، تَڙ تي بہ چار لاسي !

منهنجي اُکير ڇا هي؟ هي ڇِٽ ڇيت من ۾ ،
مندرِ ، اُداس ڏيئو ، اَڌ راتِ ، ديوداسي .

جي وک کي وڏائين ، اَڄ ماڳُ ڏور ناهي ،
ڏُونگر ڏري پَيو آم ساهَس تہ ڏارِ ساسِي !

.........

# ساري شهر وسايا پٿر،

ساري شهر وسايا پٿر ، جن سان چڪنا چور هُيو،
پوءِ بہ هُن ٿي نعرا ماريا ، مُڙس تہ ڪو منصور هُيو !

وستيءَ وستيءَ، نگريءَ نگريءَ، گيت سان جي گُونج ڪئي،
چاندوڪيءَ ۾ چَنگُ وڳو ٿي، رات پرينءَ جو پُور هُيو.

ڪالهہ وفا جي ويراني ۾ ڪهڙي هرٽي اُج مُئي !،
سِج ازل جي اک لڳو ٿي ، اُن ۾ ايڏو نُور هُيو !.

دريا دريا هُن جو مَن هو ، صحرا نيڻ هُيا،
پَل جو پانڌيئڙو آيو هو ، وڃڻو هُن کي دُور هُيو.

ڏينهن تَتي جو آيو آهين ، اڱ ۾ آئين چو نہ ” اياز“ ،
چپري چِپري چانوَ هُئيم جنهن وقت نِمنُ ۾ ٻُور هُيو!

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books